روزاني
# سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | خميس 28 ڊسمبر 2023ع بمطابق 14 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:78 | قيمت 10 رپيا


مريم نواز جي پي پي 80 سرگوڌا تي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل، ن ليگ اڳواڻ مريم نواز مختلف ڪيسن ۾ سزا ڪاٽل آهي ۽ هن اثاثا به لڪايا، نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا وڃن: درخواست گذار

# نامزدگي فارمن جي ڇنڊڇاڻ جاري، بلاول ڀٽو زرداري، عمران ۽ مريم جي فارمن تي اعتراض داخل

لاهور جي تڪ اين اي 127 تان پ پ بلاول ڀٽو جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل، بلاول پنهنجي نامزدگي ڪاغذن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز سان وابستگي ظاهر ڪئي: درخواست گذار

بلاول ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين ۽ آصف زرداري پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جو صدر آهي، چونڊ ايڪٽ 2017 موجب هڪ شخص هڪ ئي وقت ۾ هڪ سياسي پارٽي جو ميمبر ٿي سگهي ٿو

پي ٽي آءِ باني چيئرمين عمران خان طرفان لاهور ۾ جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل، عمران خان سزا يافته آهي ان لاءِ اهو چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ اهل نه آهي: نواز ليگ اميدوار ميان نصير

ميهڙ جي صوبائي تڪ پي ايس 81 تي اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي ۽ سندس پاءُ صداقت جتوئي جا نامزدگي ڪاغذ منظور، پيپلزپارٽي جي اڳوڻي صوبائي وزير فياض ٻٽ ۽ سندس پاءُ امتياز جا فارم بحال

اڳوڻي ايم اين اي مسرت رفيق مهيسر ۽ سندس پاءُ محمود خان جا نامزدگي ڪاغذ به منظور، خيرپور جي قومي تڪ اين اي 202 ۽ ڪوٽڏيجي جي صوبائي تڪ پي ايس 27 تي پ پ اڳواڻ منظور وساڻ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ٿيا

ڪراچي (نمائندن وٽان) اليڪشن 2024 لاءِ اميدوارن جي نامزدگي فارمن جي ڇنڊڇاڻ جاري، ميهڙ جي صوبائي تڪ پي ايس 81 تي اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي ۽ سندس پاءُ صداقت جتوئي جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا. پيپلزپارٽي جي اڳوڻي صوبائي وزير فياض ٻٽ ۽ سندس پاءُ امتياز جا فارم بحال، پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي مسرت رفيق مهيسر ۽ سندس پاءُ محمود خان جا نامزدگي ڪاغذ به منظور ڪيا ويا. خيرپور جي قومي تڪ اين اي 202 ۽ ڪوٽڏيجي جي صوبائي تڪ پي ايس 27 تي پ پ اڳواڻ منظور وساڻ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ٿيا. ٻئي پاسي لاهور جي تڪ اين اي 127 تان پيپلز پارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

شهيد بينظير ڀٽو جي 16 هين ورسي، ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ پيپلزپارٽي جو جلسو، جيالن جو سمنڊ اُٿلي پيو

# پاڪستان غريب ملڪ ناهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي: آصف زرداري

اسان 73ع جي آئين کي بحال ڪيو، پاڪستان کي الله پاڪ وڏن وسيلن سان نوازيو آهي، پاڪستان غريب ملڪ نه رڳو اسلام آباد غريب آهي

عوام جا مسئلا رڳو سياستدانن کي نظر ايندا آهن، پ پ عوام سان ڪيل هر واعدو پورو ڪيو آهي، عوام جو حق سنڀاليو آهي ۽ اڳتي به عوام جو حق ادا ڪندا رهنداسين

بلاول جيڪي واعدا ڪيا آهن، اهي سڀ پورا ڪندو، پنهنجي قول تان ڪڏهن ناهي ڦريو، عوام صبر ڪري، لحاظ ڪري، پاڪستان کي ٺاهينداسين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ٻڌڻي شروع ٿيڻ تي چئي سگهان ٿو ته قرض لاهي ڇڏيو آهي: اڳوڻي صدر جو شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب

سورهين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو سميت مختلف شهرن ۾ قرآن خواني ڪئي وئي، جيالن پاران رت جا ڏيئا ٻاري شهيد راڻي کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

لاڙڪاڻو/ ڳڙهي خدا بخش / نئون ديرو (رپورٽر: شاهه محمود ڀٽو) پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان غريب ملڪ ناهي پر اسلام آباد غريب آهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي ته انهن جي سوچ نئين جاکي. ڳڙهي خدا بخش ۾ بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي آصف علي زرداري چيو ته اسان 73ع جي آئين کي بحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڳڙهي خدابخش: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

## پارٽي منشور جو اعلان، ڪجهه ڀين جي ڪلهي تي چڙهي سياست ڪن پيا: بلاول

شهيد محترمه بينظير ڀٽو نه رڳو هڪ تاريخي شخصيت پر هڪ زنده تحريڪ ۽ چراغ به آهي

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي حب الوطني، لازوال جدوجهد ۽ ثابت قدم قيادت قوم جي دلين ۾ هميشه زنده رهندي

منهنجي ماءُ هميشه ملڪ کي حقيقي فلاحي رياست بڻائڻ جي عظيم مقصد لاءِ پرعزم رهي

ڳڙهي خدا بخش (رپورٽر) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 16 هين شهادت واري ڏهاڙي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي جون تياريون جاري آهن. ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران پنهنجي قائد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو سلسلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

## پاڪستان طرفان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس ميزائل جو ڪامياب تجربو

فتح 2 جديد ترين ايويونڪس ۽ اڏام جي منفرد رفتار سان ليس ميزائل آهي: آءِ ايس پي آر

هي ويپن سسٽم 400 ڪلوميٽر جي حد تائين هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو

ٽنهي سروسز جي سينيئر آفيسرن، سائنسدانن ۽ انجنيئرن فتح 2 ميزائل جي ڪامياب تجربي جو مشاهدو ڪيو

راولپنڊي (م د) پاڪستان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس فتح 2 ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب فتح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

### چمن جي بيروزگار نوجوانن کي هر مهيني 20 هزار رپيا ڏيڻ جو اعلان

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان حڪومت چمن جي مقامي بيروزگار ماڻهن کي خاص پيڪيج تحت 20 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

راولپنڊي: پاڪستان طرفان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس ميزائل جي ڪامياب تجربي جو ڏيک

## شاهه محمود قريشي سائيفر ڪيس ۾ اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار

راولپنڊي پوليس شاهه محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو

پوليس جي وڏي نفري شاهه محمود قريشي کي اڊيالا جيل مان ڪٺي رواني ٿي وئي ۽ کيس نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو

شاهه محمود قريشي خلاف 9 مئي سانحي ۾ جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ڪيس آر اي بازار ٿاڻي ۾ داخل ٿيل آهي: پوليس

راولپنڊي (م د) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي سائيفر ڪيس ۾ اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ جي فورن بعد جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. راولپنڊي پوليس شاهه محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو، پوليس جي وڏي نفري شاهه محمود قريشي کي اڊيالا جيل مان ڪٺي رواني ٿي وئي ۽ کيس نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو پوليس ذريعن موجب شاهه محمود قريشي خلاف 9 مئي سانحي ۾ جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ڪيس آر اي بازار ٿاڻي ۾ داخل ٿيل آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ کي اڄ يا سڀاڻي دهشتگردي جي انت واري عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

راولپنڊي: پوليس شاهه محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪندي

## برآمدن ۾ وڏي واڌ، واپاري خساري ۽ درآمدن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

ڊسمبر جي پهرين 20 ڏينهن ۾ سالياني بنيادن تي برآمدن ۾ 33.1 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي: ناڻي واري وزارت

پهرين کان 20 ڊسمبر تائين برآمدون هڪ ارب 92 ڪروڙ ڊالر رهيون: ذريعا

گذريل سال ان ئي عرصي ۾ برآمدن جو ڪاٿو هڪ ارب 45 ڪروڙ ڊالر هو

اسلام آباد (م د) سال 2023ع جي آخري مهيني برآمدن ۾ وڏي واڌ ڏٺي وئي، جڏهن ته واپاري خساري ۽ درآمدن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي، ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب ڊسمبر جي پهرين 20 ڏينهن ۾ سالياني بنيادن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## افغانين کي غير قانوني طور سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي ڏيندڙ نادرا جا 4 اڳوڻا آفيسر گرفتار

ايف آءِ اي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث 4 رڪني گروهه کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار نادرا ميگا سينٽر اسلام آباد ۾ مقرر هئا، هنن 2019 ۽ 2020 ۾ پرڏيهين کي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪيا: ايف آءِ اي

اسلام آباد (م د) ايف آءِ اي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث نادرا جي 4 اڳوڻن آفيسرن ي گرفتار ڪري ورتو. وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) ڪارروائي ڪندي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث 4 رڪني گروهه کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

## ڳڙهي خدا بخش ويندڙ جيالن جي وين سان حادثو، ڊرائيور فوت، 30 کان وڌيڪ ڄڻا زخمي

محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي لاءِ نڪتل ڊوم ڳاڏيءَ جو مهراڻ هاءِ وي تي پيرپيڙو اسٽاپ وٽ وين سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ وين ڊرائيور محمد جان فوت جڏهن ته 30 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن ۽ سيتارجا پوليس پهچي زخمين کي ۾ گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪيو

سيتارجا (رپورٽر) سيتارجا ويجهو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ جيالن جي ڊوم ڳاڏي ۽ وين ۾ ٽڪر ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

### ڊالر جي بي قدري جاري، رپيو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سيتارجا: شهيد راڻي جي ورسي ۾ ويل جيالن جي وين سان حادثي جو ڏيک

## ٽارگيٽ ڪلنگ جاري، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

ٽارگيٽ ڪلنگ جو اهو واقعو ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ضياءَ ڪالوني ۾ پيش آيو

فائرنگ ڪري هڪ ڄڻو مارجي ويو، واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج به سامهون آئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جا واقعا بند نه ٿي سگهيا، جنهن سبب هڪ ڄڻو حياتي وڃائي ويٺو ٽارگيٽ ڪلنگ جو اهو واقعو ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ضياءَ ڪالوني ۾ پيش آيو. جتي فائرنگ ڪري هڪ ڄڻو مارجي ويو، واقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## لاهور: اين اي 127 تي بلاول ڀٽو جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل

پيپلز پارٽي ۽ پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز ڌار ڌار سياسي پارٽيون آهن: شهري اياز

پيپلز پارٽي جو چونڊ نشان تلوار ۽ پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جو چونڊ نشان تير آهي

لاهور (م د) لاهور جي تڪ اين اي 127 تان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

## اڳوڻو گهرو وزير فيصل صالح حيات (ن) ليگ ۾ شامل

علائقي جي معزز شخصيتن ۽ ووٽرن مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿيڻ جي راءِ ڏني: فيصل صالح حيات

مون (ن) ليگ ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو آهي: نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون

اسلام آباد (م د) اڳوڻي گهرو وزير مخدوم فيصل صالح حيات نئين منزل طئي ڪندي پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿي ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

## جيتري گهٽ بجلي استعمال ٿيندي، ايتري قيمت وڌندي: نيپرا جو انوکو منطق

نيپرا ڊيٽا جي وڌيڪ جاچ ڪانپوءِ تفصيلي فيصلو ۽ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي

واڌ سان سيلز ٽيڪس سميت صارفين تي 40 ارب رپين جو واڌو بار پوندو

اسلام آباد (م د) نيپرا نومبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي 4 رپيا 66 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي سينٽرل پاور پرچيزنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## پي ٽي آءِ باني اليڪشن نه وڙهي سگهندو: منظور وساڻ

پي ٽي آءِ جي باني جي اليڪشن وڙهڻ جو ڪو به امڪان ناهي

12 جنوري تائين اليڪشن جي حوالي سان ڪجهه به ٿي سگهي ٿو

خيرپور (رپورٽر) پ پ اڳواڻ منظور وساڻ جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ جو چونڊ نشان بحال ٿي ويو آهي، پي ٽي آءِ جي باني جي اليڪشن وڙهڻ جو ڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

## ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملو، 6 فلسطيني شهيد

فلسطيني مزاحمتي گروپن غزه ۾ زميني ڪارروائي ڪندڙ اسرائيلي فوج تي حملو ڪيو

اسرائيلي ٽينڪن تي راڪيٽن سان حملا ڪيا ويا، اسرائيلي فوجين کي آءِ اي ڊيز سان نشانو بڻايو ويو

غزه (م د) ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ 6 فلسطيني شهيد ٿي ويا، تلڪرم ۾ اسرائيلي فوج جو وڏو آپريشن جاري آهي. فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزه: ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ ٿيل تباهي جو ڏيک

## يمني حوثين جو آمريڪا سامونڊي جهاز تي حملو

فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي ڳاڙهي سمنڊ ۾ سامونڊي جهاز تي ميزائل حملا ڪيا: يمني

سامونڊي جهاز آمريڪا جو هو جنهن جي سڃاڻپ ايم ايس سي يونائيٽيڊ جي طور ڪئي وئي آهي

ڪراچي (م د) يمني حوثين ڳاڙهي سمنڊ ۾ آمريڪا جي سامونڊي جهاز تي حملو ڪري ڏنو، پرڏيهي خبررسان اداري موجب يمني حوثين پاران اها دعويٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

## تعليمي ميدان ۾ پاڪستان کي وڏو اعزاز ملي ويو

پرنسپل بينش سعيد بهترين ايشين پرنسپل جو ايوارڊ کٽي ورتو

بينڪاڪ ۾ ايشين ايجوڪيشن ڪنڪليو منعقد ڪيو ويو

بينڪاڪ (م د) ٿائيليند جي راڄڌاني بينڪاڪ ۾ بيسٽ ايشين پرنسپل جي مقابلي ۾ ڪينٽ پبلڪ اسڪول ۽ ڪاليج ملتان جي پرنسپل بينش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## ڪنڌڪوٽ: زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب هڪ نينگر فوت، ٻه ڄڻا سخت زخمي

زمين ۾ پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب زوهيب ۽ 13 سالن جو آڪاش پيو ٿڏي تي فوت ٿي ويا

وارثن پاران فوتين نينگرن ۽ زخمين کي ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ پرسان دراني مهر ٿاڻي جي حد ڳوٺ قياس خان پيو ۾ زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب ٻه نينگر فوت ٿي ويا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

## موديءَ جو سعودي ولي عهد سان رابطو

ڀارتي وزيراعظم سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان رابطو ڪيو

رابطي دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نئين دهلي (م د) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان فون تي رابطو ڪيو آهي، پرڏيهي خبررسان اداري موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

## عوام کي خبر آهي مشڪل وقت ۾ ڪير ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو هو: مراد علي شاهه جي نواز شريف تي تنقيد

پيپلز پارٽي جي خلاف ماضي ۾ به ڪيترائي اتحاد ٺهيا ۽ ناڪام ٿيا

هن ڀيري سنڌ ۾ اڻ تجربيڪار اتحاد ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

بشير ميمڻ پوليس وارو آهي ان کي سياست جو ايترو وڏو تجربو نه آهي: اڳوڻو وڏو وزير

سيوهڻ: سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته نوازشريف ملڪ واپس اچڻ ۾ تمام گهڻي دير ڪري ڇڏي آهي. عوام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

### اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 34 بلوچ شاگردن جي سڃاڻپ پريڊ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بلوچ مارچ ۾ شرڪت ڪندڙن جي گرفتاري جي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

## حڪومت گيس صارفين تي 232 ارب رپين جو اضافي بار وجهڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون

پهرين جنوري 2024 تائين جي مد ۾ گهريلو صارفين کان 232 ارب رپيه وصول ڪرڻ جي هدايت

مقامي گيس جي کوٽ سبب گيس سيڪٽر خطرن جو شڪار آهي: ذريعا

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت سنڌ صوبي جي مخالفت جي باوجود گهريلو صارفين تي پهرين جنوري 2024 کان 232 ارب رپيه وصول ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي. سوئي نادرن گيس پائپ لائين ڪمپني ليميٽيڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي ملاقات ڪري رهيو آهي

### 27 ڊسمبر پاڪستان جي تاريخ جو افسوسناڪ ڏينهن هو: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته 27 ڊسمبر پاڪستان جي تاريخ جو افسوسناڪ ڏينهن هو. ان ڏينهن تي شهيد بي بي کي ڪروڙين چاهيندڙن کان ڌار ڪري جمهوريت جي آواز کي هميشه لاءِ بند ڪيو ويو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي جاري ڪيل پيغام ۾ ڪراچي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

## مان عمران خان سان گڏ آهيان: جاويد هاشمي وڏو اعلان ڪري ڇڏيو

منهنجي تڪ اين اي 149 جا جيڪي ماڻهو آهن، اهي اسان جا باس آهن، انهن جي سامهون جهولي به جهليندس

جيڪو پاڻ کي طاقتور سمجهندو آهي ان جو مقابلو ڪندو آهيان پر جمهوريت جي جهولي مان پنهنجي تڪ اڳيان جهليندس

ملتان (م د) سينيئر سياستدان جاويد هاشمي چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان جيڪو ٿي رهيو آهي، اهو تاريخ ۾ ڪنهن سان ناهي ٿيو، مان عمران خان ۽ پي ٽي آءِ سان گڏ آهيان. ملتان ۾ نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني کانپوءِ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

## اسان جي ليول پليئنگ فيلڊ عوام آهي، بلاول کي وزيراعظم جي ڪرسي تي ويهارينداسين: نثار کهڙو

اسان جي مخالفت ۾ اڄ جيڪي اتحاد ٺهي رهيا آهن، اهي سيئي آئين، 18 هين ترميم ۽ اين ايف سي جي خلاف آهن

اتحاد ٺاهڻ وارا اتحاد ٺاهيندا رهن پر اسان جو اتحاد عوام سان آهي، ڇاڪاڻ ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي

شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت تي آصف علي زرداري پاڪستان کپي جو نعرو هڻي ملڪ بچايو

لاڙڪاڻو: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي چيو آهي ته اسان جي مخالفت ۾ اڄ جيڪي اتحاد ٺهي رهيا آهن، اهي سيئي آئين، 18 هين ترميم ۽ اين ايف سي جي خلاف آهن. ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ جلسي کي خطاب ڪندي نثار کهڙي چيو ته پلي پيا ليول پليئنگ فيلڊ لاءِ روئندا وتن پر پ پ جي ليول پليئنگ فيلڊ عوام آهي. اسان عوام جي قوت سان ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي پنهنجي والده وانگر وزارت عظميٰ جي ڪرسي تي ويهارينداسين. هن چيو ته اتحاد ٺاهڻ وارا اتحاد ٺاهيندا رهن پر اسان جو اتحاد عوام سان آهي. ڇاڪاڻ ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

## عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ جي درخواست تي فوري طور ٻڌڻي جي اپيل رد

سپريم ڪورٽ ۾ هن هفتي توشا خانا نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ممڪن ناهي: قائم مقام چيف جسٽس سردار طارق مسعود

گهٽ ۾ گهٽ 3 رڪني بئنچ کي اهو ڪيس ٻڌڻ گهرجي، رڳو ٻه جج موجود آهن

ٻه رڪني بئنچ توهان کي عبوري رليف به نٿي ڏئي سگهي، ڇو ته هاءِ ڪورٽ ۾ ڊويزن بئنچ جو فيصلو آهي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ جي درخواست تي فوري طور ٻڌڻي جي اپيل رد ڪري ڇڏي. عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ بابت درخواست جي ٻڌڻي تي قائم مقام چيف جسٽس سردار طارق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

## پ پ اڇهي، لٽيءَ ۽ اٽي جا ڪوڙا نعرا هڻي سنڌ جا وسيلا وڪڻي ڇڏيا: اياز لطيف پليجو

پ پ پندرهن سالن جي اقتداري دور دوران سنڌ کي تباهي ۽ ڪرپشن کان سواءِ ڪجهه نڏنو

پيپلزپارٽي سدائين سنڌي ماڻهن کان ووٽ وٺي پوءِ انهن جي پٺي ۾ خنجر هڻيندي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلزپارٽي اڇهي لٽي جا ڪوڙا نعرا هڻي سنڌ جون زمينون، ڪارونجهر، ٻيٽ، پاڻي ۽ وسيلا وڪڻي ميرٽ جي لتاڙ ڪئي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

## ايم ڪيو ايم جو شهباز شريف لاءِ اين اي 242 تان هٿ نه کڻڻ جو اعلان

مصطفيٰ ڪمال اين اي 242 تان نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني لاءِ آر او آفيس پهتو

اين اي 242 مني پاڪستان آهي، ان تڪ ۾ سموري ڪميونٽي جا ماڻهو رهن ٿا: مصطفيٰ ڪمال

ن ليگ جي دوستن سان اسان جا سٺا لاڳاپا آهن، اسان هڪٻئي تي زور زبردستي ناهي ڪئي

ڪراچي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان ن ليگ صدر شهباز شريف لاءِ ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 242 تان هٿ نه کڻڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

### هوائي گدلاڻ سان ڇاتيءَ جي ڪينسر جو انڪشاف

واشنگٽن (م د) هڪ نئين تحقيق مان خبر پئي آهي ته هوائي گدلاڻ دل ۽ ڦڦڙن جي بيمارين ڪانسواءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

## ڄامشورو ۾ حادثو، 3 ڄڻا فوت، 10 کان وڌيڪ زخمي

انڊس هاءِ وي مانجهند ويجهو ٽريفڪ حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۽ وين ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي فوتين ۽ زخمين کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ويجهو روڊ حادثي جي نتيجي ۾ ٻارڙي سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، ڄامشورو ۾ انڊس هاءِ وي مانجهند ويجهو ٽريفڪ حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۽ وين ۾ ٽڪر ٿي پيو. ڪار ۽ وين ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب خوفناڪ حادثو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

## شڪارپور ۾ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي

وفاقي محتسب جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه نئين ويب سائيٽ جو افتتاح ڪيو

اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ ڪان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي: محمود علي شاهه

وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علائقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي

سڪر(بيورو رپورٽ) وفاقي محتسب جي نئين ويب سائيٽ جديد ۽ وڌيڪ فعال تبديلين سان شروع ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ اردو ۾ اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ ڪان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي، ويب سائيٽ ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سڪر: محمود علي شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

**ٽنڊو آدم شهر جي جمن شاهه روڊ لڳ**
**محمد رفيق غوري جي گهر مان چور**
**سولر پليٽون چورائي ويا**

ٽنڊو آدم (رپورٽر:) ٽنڊو آدم شهر جي جمن شاهه روڊ لڳ پاڪستان فيڪٽري رهندڙ محمد رفيق غوري جي گهر مان چور سولر پليٽون , پاڻي وارو روٽر ، ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا , ٽنڊو آدم سٽي پوليس ٻن چورن ۽ هڪ ڪباڙي واري کي گرفتار ڪري ورتو آهي جن ڪان پڇا ڳاڇا ڪئي پيئي رهي

## مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي حادثو ٻارڙن سميت 4 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

سيوهڻ ڪان ٺٽي طرف ويندڙ ڪار جو بيٺل ٻه جي ٽرڪ کي پويان ٽڪر لڳڻ سبب چار زخمي

زخمين ۾ ڪار سوار سرور بهاري، سندس زال مهوش 2 ٻارڙا عبدالله ۽ سمير شامل، اسپتال داخل

مانجهند(رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي حادثو ٻارڙن سميت 4 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب مانجهند پرسان علي آباد ويجهو سيوهڻ ڪان ٺٽي طرف ويندڙ ڪار جو بيٺل ٻه جي ٽرڪ کي پويان ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻارڙن سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ڪار سوار سرور بهاري، سندس زال مهوش 2 ٻارڙا عبدالله ۽ سمير شامل آهن زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

## نوشهروفيروز جي صحافي تي ٽي ايم او لياقت پٽي پاران ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع نوشهروفيروز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،نعريبازي

الائنس ضلع صدر محمد عادل عباسي -جوائنٽ سيڪريٽري ثناءُ الله عباسي پاران احتجاجي مظاهرو

صحافي ماجد تگڙ تي داخل ڪيل ڪوڙي ايف آءِ آر ختم نه ٿي سخت احتجاج ڪنداسين:مظاهري جو چوڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز جي صحافي ماجد تگڙ تي ٽي ايم او لياقت پٽي نوشهرو فيروز پاران ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع نوشهروفيروز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع صدر محمد عادل عباسي جوائنٽ سيڪريٽري ثناءُ الله عباسي انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز جي صحافي تي ٽي ايم او لياقت پٽي پاران ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

**گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي**
**جنرل سيڪريٽري دلاور گلزار گل**
**فارم جمع ڪرائي ڇڏيو**

ڪراچي (رپورٽر) ❋ پاڪستان يونائيٽيڊ ڪرسچن ڪميونٽي ڪائونسل پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل اقليتي ونگ ڪراچي ڊويزن جي صدر گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي جنرل سيڪريٽري دلاور گلزار گل ❋ عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 234 تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

## شڪارپور ۾ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي

وفاقي محتسب جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه نئين ويب سائيٽ جو افتتاح ڪيو

اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ ڪان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي: محمود علي شاهه

وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علائقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) نئين ۽ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي آهي ۽ عوام جي سهولت لاءِ اهم مواد جو اردو ۾ ترجمو پڻ شامل ڪيو ويو آهي. وفاقي محتسب سڪر جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه موجب وفاقي محتسب جي نئين ويب سائيٽ جديد ۽ وڌيڪ فعال تبديلين سان شروع ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ اردو ۾ اهم معلومات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

## چڪ جي رهواسي پاران قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عابد حسين سولنگي، علي حسن، وزير علي، مائي عظيمان، ممتاز خاتون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٻن ڏينهن بعد نوجوان جو تشدد ٿيل لاش دبر ٽاٽي جي حد مان پوليس کي مليو آهي: عابد حسين سولنگي

قاتلن جي نشاندهي بعد پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪاري آهي ۽ الزام هيٺ آيلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

سڪر( رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) چڪ جي رهواسي عابد حسين سولنگي، علي حسن، وزير علي، مائي عظيمان، ممتاز خاتون، مسمات رضيا، مير حسن سولنگي ۽ ٻين معصوم ٻارڙن سان گڏجي پوليس خلاف سڪر پريس ڪلب ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

چڪ جي رهواسي پاران قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

**ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ شهيد محترمه**
**بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب ۾**
**شرڪت لاءِ سڪر مان قافلا پهتا**

سڪر( رپورٽر) سڪر مان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب ۾ شرڪت لاءِ قافلا اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، اڳوڻو صوبائي وزير اويس قادر شاهه، ميئر سڪر ارسلان اسلام شيخ، مشتاق سرهيو، ڊاڪٽر ارشد مغل، ويرم خان مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ روانو ٿيا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

## سڪر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي پاران جوابدارن جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو

يوسي نمبر 6 بئراج ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ ۾ ڪٽي وئي آهي:مظاهرين

فوتي جي پٽن مٿان سڪر جي اي سيڪشن ٿاڻي تي چوري ۽ جهيڙو ڪرڻ جا 3 ڪيس داخل آهن، جاچ ڪرائي وڃي

سڪر( رپورٽر) سڪر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين ڊاڪٽر خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته نصرت ڪالوني نمبر هڪ واسي 55 ورهين جي علي محمد گڏاڻي جو موت ڪنهن حادثي يا ڌڪ لڳڻ سبب نه ٿيو آهي. پر هن جو موت طبي ٿيو اهڙي تصديق يونين ڪائونسل نمبر 6 بئراج ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

## ڪنب مهراڻ هاءِ وي تي ڊومر ۽ وين ۾ ٽڪر، 4 عورتن سميت 22 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

چونڊڪو کان ڪراچي ويندڙ ڊومر ۽ وين ۾ آمهون سامهون ٽڪر سبب ورسي تي ويندڙ زخمي

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ محمد سليم دزڪاڻي ۽ ٻيا زخمي

نادر، خدا بخش، شهمير، شوڪت علي، محمد جهان، انور علي، بابر علي، نعيم احمد، انيلا شام

ڪنب(رپورٽر:) ڪنب مهراڻ هائي وي تي ڊومر ۽ وين ۾ ٽڪر 4 عورتن سميت 22 ڄڻا زخمي 5 جي حالت نازڪ نوابشاهه اسپتال منتقل خبر موجب ڪنب نوابشاهه مهراڻ هائي وي پير ٻيڙو اسٽاپ وٽ چونڊڪو کان ڪراچي ويندڙ ڊومر ۽ وين ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ شهداد پور کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ محمد سليم دزڪاڻي،غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

**ٺٽي جي قومي ۽ ٻن صوبائي**
**تڪن تي نامزدگي فارم جي جاچ**
**پڙتال جو سلسلو جاري**

ٺٽو(رپورٽر) ٺٽي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي نامزدگي فارم ڀرائيندڙ اميدوارن جي ڪاغذن جي اڄ ٽئين ڏينهن به جاچ پڙتال جو سلسلو جاري، قومي تڪ NA_225 ٺٽو تي آر او پاران جاچ پڙتال بعد آزاد اميدوار جاويد شاهه، MQM جي اميدوار جنيد نياز صديقي ۽ PTI اميدوار سيد جميل شاهه جا نامزدگي فارم بحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

## ڪوهستاني پٽي ۾ گيسٽرو، دست، الٽي، مليريا جهڙيون بيماريون وڌي ويون آهن: انور جاڪرو

مليريا جهڙيون بيماريون ڦهلجڻ ڪري هر ماڻهون ان بيماري ۾ ورتجي بستري پيڙو ٿي ويو آهي

چور ڏينهن ڏٺي هٿيارن جي زور تي ڌنارن کي يرغمال بنائي زبردستي بڪريون ۽ رڍون ڪٽي وڃن ٿا

غيرقانوني قبضا ۽ واڙون ختم ڪرائي بند ٿيل اسڪول کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏياري وڃي: اڳواڻ

ٺٽو(رپورٽر) ڪوهستان سجاڳ تنظيم ضلعي ٺٽي جي صدر ڪوهستاني انور جاڪرو ٺٽي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪوهستاني پٽي ۾ گيسٽرو، دست، الٽي، مليريا جهڙيون بيماريون ڦهلجڻ ڪري هر ماڻهون ان بيماري ۾ ورتجي بستري پيڙو ٿي ويو آهي، پر صحت کاتو ڪو به تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار ناهي، ان کانسواءِ ڪوهستاني پٽي ۾ چورين، ڦرن جي جو ازار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

## ناروشاهه جي دستگير ڪالوني ۾ سالن جو پيٽيو جي گهر تي مبينا طور حملو، احتجاج

مارڪٽ ڪٽ بعد ٻن عورتن سميت ٽن ٻارڙن کي اغوا ڪرڻ جو الزام، احتجاجي مظاهرو ڪيو

سالا گهر تي حملو ڪري منهنجي زال ۽ منهنجي ڀاڄائي سميت ٽن ٻارڙن کي اغوا ڪري ويا پيٽيو

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه جي دستگير ڪالوني ۾ سالن جو پيٽيو جي گهر تي مبينا طور حملو مارڪٽ ڪٽ بعد ٻن عورتن سميت ٽن ٻارڙن کي اغوا ڪرڻ جو الزام احتجاج اين سي داخل ناروشاهه جي دستگير ڪالوني جي رهواسين امجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

## سياسي سماجي اڳواڻ آزاد اميدوار سردار الاهي بخش انيل پٽي نامزدگي فارم بحال

فارم بحال ڪيو ويو آهي هن اليڪشن ۾ مون کي عوام تي پورو ڀروسو آهي:سماجي اڳواڻ

گذريل 15 سالن کان پيپلز پارٽي عوام کان سموريون بنيادي سهولتون کسي ورتيون آهن:ڳالهيون

سڪر( رپورٽ) سياسي سماجي اڳواڻ آزاد اميدوار سردار الاهي بخش انيل پٽي جو پي ايس 24 تي نامزدگي فارم بحال تفصيل موجب، پي ايس 24 تي سماجي اڳواڻ انيل پٽي جو نامزدگي فارم بحال ڪيو ويو ان موقعي تي آر او آفيس ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سڪر: سردار الاهي بخش انيل پٽي صحافين سان ڳالهائيندي

## سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، احتجاجي تحريڪ جاري

نگران حڪومت جون ڪرايل خاطريون بي فائدا ثابت ٿيڻ لڳيون، صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري

سڪر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد نابائي، سيد احقر شاهه، آصف لوڌي پاران احتجاج ۾ شرڪت

سڪر( رپورٽر) سڪر پوليس 136 تي وڃڻ باوجود سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، نگران حڪومت جون ڪرايل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

## پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي رهائش گاهه تي اعزاز ۾ مچ ڪچهري منعقد

بلتستان، آزاد ڪشمير، پنجاب، ڪي پي جي ايم اين ايز ايم پي ايز پاران شرڪت ڪئي وئي

اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، مڪيش چاولا ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سڪر( رپورٽر) پ پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي رهائش گاهه تي مهمانن جي اعزاز ۾ مچ ڪچهري ۾ گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير، پنجاب، ڪي پي جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز ۽ پ پ اڳواڻن جي شرڪت مچ ڪچهري ۾ اڳوڻو صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

## شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ سڪر کان قافلا پهتا، شاندار آجيان

سيد ناصر حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ سٽي بائي پاس سڪر کان ڪارڪنن جو قافلو نڪتو

بس ٽرمينل ويجهو ويرم خان مهر طرفان قائم ڪيل استقبالي ڪئمپ تي قافلن جو استقبال ڪيو ويو

سڪر(رپورٽر) شهيد جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ سڪر کان قافلا روانا ٿي ويا ان سلسلي ۾ روهڙي جي بيڙي چوڪ کان اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

## سڪر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان اصغر مگريو ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج

نوجوان اصغر مگريو، علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ڪئمپ تي اڳواڻ پهتا

علي اصغر مگريو، محرابپور واسي شاگرد علي حسن ميمڻ سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج

سڪر( رپورٽر) سڪر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان نوجوان اصغر مگريو، علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ڪئمپ تي ڊاڪٽر نذير کوکر، مخدوم بلاول، عطا محمد ڀٽو، محمد اعظم مگريو ۽ ٻين 85 ڏينهن احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

## ملير جو سينئر صحافي فاروق پنگوار جي ناني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن، صحافين سميت شهرين جو وڏي انگ ۾ شرڪت

ڊاڪٽر علي نواز گبول ، ڊويزنل سيڪريٽري منير مگسي ۽ ٻين پاران جنازي نماز ۾ شرڪت

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر ) ملير جو سينئر صحافي فاروق پنگوار. نوجوان صحافي سجاد فاروق جي ناني هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي ، جنهن جي جنازي نماز ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن، صحافين سميت شهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ملير جي سينيئر صحافي فاروق پنگوار جي ناني جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

## سرڪاري آفيسرن خلاف شڪايتون آن لائين داخل ڪرائي سگهجن ٿيون: وفاقي محتسب

وفاقي محتسب جي هدايت تي جديد ويب سائيٽ متعارف ڪرائي ان کي فعال ڪيو ويو آهي

شڪايت جي پوئيواري ۽ جي نظرثاني ڪرڻ جو عمل پڻ هڪ ڪلڪ تي جاچي سگهجي ٿو

سڪر( رپورٽر) وفاقي محتسب ريجنل آفيس سڪر جي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته وفاقي حڪومت جي ماتحت ڪم ڪندڙ سمورن سرڪاري کاتن جي آفيسرن خلاف شڪايتون آن لائين پڻ داخل ڪرائي سگهجن ٿيون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

## سنڌي هاري تحريڪ نوشهرو فيروز جو اڳواڻ رضا محمد راڄپر لاڏاڻو ڪري ويو

رضا محمد راڄپر ڪئنسر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو

ڳوٺ جمن راڄپر ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ ساٿين مٽن مائٽن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز( ڊ ر) عوامي تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ ضلعي نوشهرو فيروز جو اڳواڻ رضا محمد راڄپر ڪجهه وقت ڪئنسر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ جمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

## نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ضياءُ الحسن جي اڳواڻي ۾ ڳڙهي خدا بخش پهتو

سابق ايم پي اي ممتاز چانڊيو ،ضلعي صدر ليڊيز ونگ فاطمه شهناز انصاري ۽ ٻين پاران شرڪت

لکين ماڻهو پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏيڻ جو وچن ڪندا اسان جا مخالف جلسو ڏسي گهبرائجي ويندا: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ڊويزنل صدر اڳوڻي قانون جي وزير ضياءُ الحسن انجار ضلعي صدر فيروز جمالي سابق ايم پي اي ممتاز چانڊيو ضلعي صدر ليڊيز ونگ فاطمه شهناز انصاري ايڊوڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ضياءُ الحسن جي اڳواڻي ۾ ڳڙهي خدا بخش پهتو

## دادو ۾ بينظير ڀٽو شهيد هيومين ريسورس ريسرچ سينٽر ۾ بينظير ڀٽو جي شهادت جي تقريب

دادو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

شاگردياڻين شمائون روشن ڪري گل نڇاور ڪرڻ بعد 2 منٽن جي خاموشي ڪري پيٽا پيش ڪئي

خواب کي پورو ڪندي اسان هڪ الڳ اهم مقام حاصل ڪندي پنهجي روزگار کي هٿي ڏياريندا سين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ بينظير ڀٽو شهيد هيومين ريسورس ريسرچ اينڊ ڊيوليپمينٽ بورڊ جي تعاون سان تيائين کي هنري سکيا ڏيندڙ زندگي انسٽيٽيوٽ آف ٽريننگ سينٽر دادو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو ۾ بينظير ڀٽو شهيد هيومين ريسورس ريسرچ سينٽر ۾ بينظير ڀٽو جي شهادت جي تقريب وقت گروپ فوٽو

**ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ**
**رٻن راڄپر پرسان 6 هٿياربندن**
**حملو، ڀاتين تي تشدد**

ڪوٽڏيجي(رپورٽر:) ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ رٻن راڄپر پرسان 6 هٿياربندن جو حملو بزرگ پوڙهيت سيد عباس علي شاهه جي گهر تي حملو ڪري عورتن معصوم ٻارڙن سميت گهر ڀاتين کي تشدد جو نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ سيد عباس علي شاهه سندس پٽ سيد امام علي شاهه سخت زخمي ٿي پيا آهن هنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

## سنڌ جي ڌڪيائون ختم ناهن ٿيون جنهن ڪري ميدان ۾ لٿي آهيان: رشيده پٽي

پي ايس 22 تي آزاد اميدوار جي حيثيت سان فارم پريو جيڪو منظور ٿي چڪو آهي

اسان جا نوجوان نوڪريون روزگار نه ملڻ ڪري خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن: ڳالهيون

سڪر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي عوام جون ڌڪيائون ختم ناهن ٿيون جنهن ڪري ميدان ۾ لٿي آهيان سڪر جي صوبائي تڪ پي ايس 22 تي آزاد اميدوار جي حيثيت سان فارم پريو جيڪو منظور ٿي چڪو آهي حصو وٺي ڪاميابي ماڻي مظلوم عوام جي ترجماني ڪندس اهڙن خيالن جو اظهار سڪر جي ٻنو عاقل جي رهواسڻ پي ايس ٻاويه جي آزاد اميدوار سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

## ناروشاهه پرسان گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گوليون هڻي هڪ کي زخمي ڪري ڇڏيو

ڳوٺ دريا خان ڏهراج ۾ گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو ٿيو، هٿياربندن سعيد ڏهراج کي گوليون هنيون

نوجوان کي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

ناروشاهه(رپورٽر) ناروشاهه پرسان گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گوليون هڻي هڪ کي زخمي ڪري ڇڏيو . ڳوٺ دريا خان ڏهراج ۾ گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو ٿيو. جنهن بعد هٿياربندن دڪان تي ويٺل سعيد ڏهراج کي جنگهه ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو. زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

ناروشاهه : گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گوليون هڻي هڪ کي زخمي ڪري ڇڏيو

**آرمي ماڊل اسڪول ۽ ڪاليج دادو ۾**
**قائد اعظم محمد علي جناح جي يوم**
**ولادت بابت تقريب**

دادو(رپورٽر:) آرمي ماڊل اسڪول ۽ ڪاليج دادو ۾ قائد جي جنم جي نسبت سان هڪ رنگارنگي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ قائداعظم کي ڀيٽا ڏيندي اسڪول جي ٻارن خاڪا ۽ تقريرون پيش ڪيون ،پروگرام جي مهمان خاص اسسٽنٽ ڪمشنر دادو غلام فاطمه گهلو هئي هن پنهنجي خيالن جي ڏي وٽ ڪندي چيو ته قائداعظم جي ڪم ۽ انجي شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

## نوشهرو فيروز باءِ پاس تي ٽرالر جو رڪشا کي زوردار ٽڪر، رڪشي سوار هڪ فوت

باءِ پاس تي ٽرالر اوچتو بيٺي ٽرالر کي ڪراس ڪيو سامهون انڌڙ رڪشا کي زوردار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ مزدور عاقب ڪوڪر ويٺل منياڻي شهر ٿڏي تي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام متل

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) باءِ پاس تي ٽرالر جو رڪشا کي زوردار ٽڪر رڪشي سوار هڪ فوت هڪ زخمي نوربور کان ڪان رڪشو نوشهرو ڏي اچي رهيو هو ته ٽرالر اوچتو بيٺي ٽرالر کي ڪراس ڪيو سامهون انڌڙ رڪشا کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ مزدور عاقب ڪوڪر ويٺل منياڻي شهر ٿڏي تي فوت ٿي ويو هڪ ٻيو اعجاز لراءِ ويٺل نت ڳوراهو سخت زخمي ٿي پيو زخمي لاش کي پوليس ڪٺائي سول اسپتال پهچايو ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو لاش گهر ۾ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

## مٽلي ۾ ڊي سي پاران جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس، عملدارن پاران بريفنگ

عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

شيرخان لغاري سميت تعليم، صحت، ورڪس اينڊ سروسز کاتي، حيسڪو ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

ضلعي ۽ تعلقہ اسپتالن سميت قائم صحت مرڪزن ۾ مڪمل بندوبست رکيو وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: ڊي سي

مٽلي(رپورٽر:) ضلعي رٽرننگ آفيسر/ ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس مٽلي ، ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيو ❋ اجلاس ۾ ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مٽلي ۾ ڊي سي پاران جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو

**چيلهار ۾ جيالن پاران مسڪين**
**عام ماڻهن سان اليڪشن کان اڳ**
**۾ ٺڳي شروع**

مٽلي(رپورٽر:) مٽلي لڳ چيلهار جيالن پاران مسڪين عام ماڻهن سان اليڪشن کان اڳ ۾ ٺڳي شروع. خاص جيالا سڏائيندڙ رڳو جلسي تي وڃڻ لاءِ تياري واري وقت رڳو فوٽو ڪيرائي پاسيرا ٿي ويا . خبر موجب گذريل رات دير سان محترمه بينظير جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ ٽائون چيئرمين بهاري رانوڙ جي اڳواڻي ۾ ويندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

## سيڪريٽري صحت فنڊ جاري نه ڪيا، بدين ۾ 12 سئو ملازم 3 مهينن جي پگهارن کان محروم

بدين ۾ انڊس ڊي ايڇ ڪيو جي 12 سئو ملازمن کي 3 مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيون آهن

سيڪريٽري صحت بدستور انڊس جا فنڊ بند ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي، ملازم پريشان آهن: اڳواڻ

فنڊ نه هجڻ جي ڪري اسپتال جا گهڻا شعبا اڳ بند ڪيا ويا هئا هاڻ او پي ڊي به بند ڪئي وئي آهي

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) لاڙ پٽ جي سڀ کان وڏي اسپتال انڊس اسپتال بدين کي نگران حڪومت بجيٽ جاري نه ڪئي 12 سئو ملازم گذريل ٽن مهينن کان پگهارن کان محروم. ڊاڪٽرن ۽ عملي انڊس اسپتال جي او پي ڊي ۽ ايمرجنسي شعبي جي سروس بند ڪري مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو بهراڙين ۽ ٻري ٻري ڪان ايندڙ مريض دربدر ٿي ويا مختلف بيمارين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

## پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ۾ ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي نامزدگي فارمن جي ڇنڊ ڇاڻ جاري

اڳوڻي اسسٽنٽ اٽارني جنرل ۽ ناليواري قانوندان سيد جميل شاهه بخاري جا نامزدگي جا فارم منظور ڪيا ويا

پي ايس 76 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار ميڊم زيب النساءِ جلباڻي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

پيپلز پارٽي جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ يا پارٽي کان باغي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا پيا وڃن:الزام

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) اليڪشن فارمن جي جانچ پڙتال جي ٽئين ڏينهن تي ٻن قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 ٺٽي ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 75 ٺٽو ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ۾ ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي چيڪنگ جو عمل جاري رهيو قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

**ٺٽو وايا درگاهه حضرت**
**شاهمراد شاهه شيرازي روڊ تي**
**هٿياربندن پاران ڦرلٽ**

ٺٽو(رپورٽر:) ٺٽو وايا درگاهه حضرت شاهمراد شاهه شيرازي روڊ تي سر نالي وٽ ٺٽي کان پنهنجي گهر ويندڙ شير محمد جاتوئي ۽ دلدار جاکرو کان 3 نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند ڦورو هٿيارن جي زور تي 125 موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويو، اهڙو اطلاع ٺٽو پوليس کي ڏنو ويو، اطلاع ملندي ئي ايس ايڇ او ٺٽو قربان ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

## غوثپور دراني مهر ٿاڻي جي حد ڳوٺ قياس خان پيو پر سان مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب 2 پڙهيت نينگر فوت

ڳوٺ قياس خان پيو پر سان زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب ڪاٺيون ڪندڙ زوهيب ۽ آڪاش پيو فوت ٿي ويا

حادثي ۾ عمر ۽ ماجد سخت زخمي ٿي پيا، جن کي وارثن پاران ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

زمين تي ڪريل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب واقعو پيش آيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: غوثپور پوليس جون ڳالهيون

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور دراني مهر ٿاڻي جي حد ڳوٺ قياس خان پيو پر سان زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب ڪاٺيون ڪندڙ 9 سالن جو نينگر زوهيب ۽ 13 سالن جو آڪاش پيو ٿڏي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب عمر ۽ ماجد سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي وارثن پاران ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمين مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

❋❋❋ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي ❋❋❋ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 28 ڊسمبر 2023ع

## آمريت جي تتل رڻ ۾ چانوَ ڪندڙ ڇمر جهڙي بينظير

اڄ کان 16 سال اڳ جمهوريت جي وڳر مان هڪ ڪونج وڇڙي وئي. آمريت جي تتل رڻ ۾ هوءَ چانوَ ڪندڙ ڇمر جيان هئي. هوءَ پنڊي ۾ "پاپي پارهيڙين" جي گولين جو نشانو بڻجي وئي. هي پيو لاش هو. جيڪو پنڊيءَ کان سنڌ ڏانهن موڪليو ويو. محترما بينظير جمهوريت جي لاءِ حياتيءَ جي قرباني ڏني. اڄ ڪيس لفظن ۽ لڙڪن جي پيتا ڏيڻ جو ڏينهن آهي.

اها 2007ع جي آڪٽوبر مهيني جي ارڙهين تاريخ هئي. جڏهن محترما بينظير ڀٽو ڏگهي جلاوطني ختم ڪري پنهنجي ڏيهه موٽي هئي. ڪراچيءَ جي ساگر، ان ڏينهن هڪ مهاساگر جو مشاهدو ڪيو هو. اهو مها ساگر ماڻهن جو وڏو سمنڊ هو. ڇولين هڻندڙ جذباتي ماڻهن جو. جمهوريت سان محبت ڪندڙ ماڻهن جو. قربانيءَ جي جذبي سان سرشار ماڻهن جو سمنڊ هو اهي ماڻهو پنهنجي قائد جو استقبال ڪرڻ پهتا هئا. هي Rent a crowd واري هَٽ تان آيل وڪرو ڪونه هو. ايڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهو ڏسي. جمهوريت کان خائف ۽ خوفزده قوتون ڪنبي ويون ۽ انهن فيصلو ڪري ورتو ته محترما جي زندگيءَ جو سفر مختصر ڪرڻو آهي. پوءِ جيئن اهو قافلو پنهنجي قائد محترما بينظير ڀٽو جي سرواڻيءَ ۾ اڳتي وڌيو ته ان تي ڪارساز وٽ باهه ۽ بارود وسايو ويو. ڏيڍ سئو کان وڌيڪ سياسي ڪارڪنن پنهنجي حياتين جون قربانيون ڏنيون. هوءَ اهڙي رهبر هئي. جنهن جي سياست جي لغت ۾ آڻ مڃڻ جو لفظ ئي ڪونه هو. هوءَ ڪارساز ڌماڪن کان خوفزده نه ٿي. هن ڄاتو ٿي ته جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ عقابن سان اٽڪڻو پوندو آهي. سياست جي ان رستي تي سِر جو سانگو لاهڻو پوندو آهي. هن موت جي ڌمڪين کي راهه جو اسپيڊ بريڪر بڻجڻ نه ڏنو ۽ محترما بينظير ڀٽو جي زندگي ان حملي ۾ بچي وئي پر پوءِ جيڪي قوتون هر صورت ۾ ڪيس راهه تان هٽائڻ جو فيصلو ڪري چڪيون هيون. انهن نيٺ 27 ڊسمبر تي پنڊي جي لياقت باغ ۾ محشر برپا ڪيو. محترما بينظير ڀٽو کي شهيد ڪري سفاڪيءَ جي نئين تاريخ لکي. محترما بينظير ڀٽو تدبر ۽ دليريءَ جو استعارو هئي. هن هڪ آمر جي "بيعت" کان انڪار ڪيو. هوءَ سمجهندي هئي ته عوام جي ٻانهن ۾ ايترو ٻَل موجود آهي. جو اهي ڇَت. ڀِتِن سان هٽي سگهن ٿا. ان ويساهه ئي ڪيس عقابن سان اٽڪڻ جو حوصلو ڏنو ۽ پوءِ ٿيو ايئن جو "مڙيا مڇ هزار ."

محترما بينظير ڀٽو جي شهادت تي جنهن ڪاوڙ جو جوالا مُکي ڦاٽو. تنهن جابر قوتن کي شديد خوفزده ڪري ڇڏيو. شهيد محترما بينظير ڀٽو جا قاتل ڪير هئا؟ رٿابندي ڪنهن ڪئي؟ سهولتڪاري جو ڪردار ڪنهن ادا ڪيو؟ اهو سڀ ڪجهه پراسراريت جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهي.

هن وقت به ملڪ ۾ جمهوري قوتن تي ڏکيا ڏينهن آيل آهن پر هن ڀيري جمهوري قوتون مزاحمت بدران سرڃاءِ وارن پيچرن تي هلي رهيون آهن. جن پيچرن جي پڄاڻي انهن ئي درن تي ٿئي ٿي، جن کي جمهوريت ڏٺي به نٿي وڻي. هن وقت جيئن ته چونڊن جي موسم آهي ۽ سياسي ڏريون وڏ ۾ وڏ اليڪٽيبلز پرتي ڪري سامهون آڻڻ جي ڊوڙ ۾ رڌل آهن. جنهن جي تصديق نامزدگيءَ جا فارم ڀرائيندڙ اميدوارن جي لسٽ مان ئي ڪري سگهجي ٿي. مطلب ته اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ميوزيڪل چيئر (راند) جاري آهي ۽ ان ۾ سڀ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ وارين ڪوششن ۾ آهن. هن ماحول ۾ شهيد بينظير واري همت. جرئت ۽ مزاحمت جي اٿاٿ آهي. سياستدانن جي اڪثريت کي عوام جي اهنجن جي ڪابه پرواهه نه آهي. اهي اقتدار جي حاصلات لاءِ هر ليڪو لتاڙڻ لاءِ تيار آهن.

اڄوڪي ڏينهن تي سنڌ سميت هن ملڪ ۽ دنيا جو جمهوريت پسند عوام سوڳوار آهي. حقيقي جمهوريت جي خواهش رکندڙ ماڻهن جي دلين ۾ شهيد محترما بينظير ڀٽو جي شهادت تي سوڳواريءَ جو تڏو وڇايل آهي. محترما بينظير ڀٽو جي غم جي لڙڪن جا ڏيئا ماڻهن جي اکين جي پنبڻين تي جرڪي رهيا آهن. اڄ شهيد محترما بينظير ڀٽو کي سيس نوائي عقيدت سان سلام پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. جنهن جمهوريت خاطر سر قربان ڪيو.

# بينظير، ساروڻيون ۽ اڄوڪي سياست

نصير ميمڻ

پانڇيان ٿو ته سن 2000ع جي ڳالهه آهي، تڏهوڪي صدر جنرل پرويز مشرف اقتدار تي قبضو ڪرڻ کان سنت پوءِ ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. مان ان وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار هئس. مرحوم عبدالرسول ميمڻ سان ڀاڻيءَ وارا معاملا سمجهڻ لاءِ هر هفتي ٽئين ڏينهن سائنس گهر ملڻ ويندو هئس. مون ان وقت ڪالاباغ ڊيم جي فني پاسن تي جهجهو مواد پڙهي ورتو هو سنڌي اخبارن ۾ ته لکندو هئس پر انگريزيءَ ۾ لکڻ جو ڪو تجربو نه هو. ڊان ۾ ڪجهه ايڊيٽر ڏانهن خط ڇپيل هئا پر اجان ڊان جهڙي اخبار ۾ مضمون لکڻ جو ست نه ساريو هئم. بهرحال ڪجهه ڪتاب ۽ مضمون پڙهي، واٽر انجنيئرنگ سبجيڪٽ بابت پنهنجي ڄاڻ جو استعمال ڪندي ڪالاباغ ڊيم بابت پنهنجي موقف کي فني دليلن سان لکڻ شروع ڪيم. ڪجهه ڏينهن اندر پهريون ڊرافٽ تيار ڪري سائين عبدالرسول ميمڻ کي ڏيکاريم. جنهن ڪجهه رهنمائي ڪري چيو ته هي مضمون ڊان اخبار کي موڪلي ڏي. ڊان کي اِي ميل وسيلي مضمون موڪليندي هٻڪيس پئي پر دل ٻڌي موڪلي ڏنم. هفتي کن اندر ڊان اخبار "اڪنامڪ اينڊ بزنس ريويو" واري سيڪشن ۾ سڄو سارو اڌ صفحو ڏيندي ان مضمون کي Is there enough water for Kalabagh Dam? جي عنوان سان نمايان ڪري ڇاپيو ان مضمون جي زبردست موٽ ملي. مضمون ڇپجڻ کان ٻه ٽي ڏينهن پوءِ هڪ اِي ميل ملي. جنهن ۾ بظاهر محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پاران منهنجي مضمون تي شاباس ڏيندي چيو ويو ته مان ورلڊ بئنڪ وارن کي هڪ خط لکڻ ٿي گهران ته اهي ڪالاباغ ڊيم منصوبي لاءِ جنرل مشرف جي حڪومت کي ڪابه فني يا مالي واهر فراهم نه ڪن. بينظير صاحبه اجازت گهري ته مان ان مضمون مان ڪجهه حوالا خط جو حصو بنائڻ ٿي گهران. مون پڪ سمجهيو ته ڪنهن دوست مون کي بيوقوف بنائڻ لاءِ اها اِي ميل هٿراڌو اڪائونٽ تان موڪلي آهي. ايئن ان اِي ميل جي ڪابه ورندي نه لکيم. ڪٿي بينظير صاحبه جهڙي شخصيت، ڪٿي مون جهڙو ننڍڙو ماڻهو! اجازت گهرڻ وارو ڪوڙو ئي ٿي لڳو.

اتفاق سان هڪ ڏينهن پوءِ حيدرآباد ۾ ڪٿي پيپلز پارٽي جو هڪ اڳواڻ ڪنهن پروگرام ۾ مليو ويو مون دوستيءَ ۾ ڪيس گذارش ڪئي ته بي بي صاحبه جي نالي سان ماڻهو هٿراڌو اڪائونٽ ٺاهي هن قسم جون مشڪريون ڪن ٿا. ان اڳواڻ (نالو ياد نه اٿم) چيو ته جنهن ايڊريس تان اِي ميل آئي آهي، اها مون کي ٻڌائجان، ته ڏسي وٺنداسين. گهر پهچي ڪيس اِي ميل ايڊريس ميسيج ڪري موڪليم. ڪلاڪ ڪن ۾ فون ڪري چيائين ته بنا دير جي اِي ميل جي ورندي موڪل. هيءَ بينظير صاحبه جي ذاتي اِي ميل ايڊريس آهي. مون کي وري به يقين نه آيو پر ان دوست جي چوڻ تي مختصر ورنديءَ ۾ بي بي صاحبه جا ٿورا مڃيندي منهنجي مضمون جي حوالي ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ عزت جو ڪارڻ ڄاڻايم.

هڪ ٻن ڏينهن کانپوءِ بينظير صاحبه جو ورلڊ بئنڪ کي لکيل خط ملڪي اخبارن ۾ نمايان خبر طور ڇپيل هو ۽ پاڻ ان خط جي اصل ڪاپي به مون کي اِي ميل وسيلي موڪلي ڏنائون. ان خط ۾ بينظير صاحبه منهنجي اِي ميل ايڊريس پڻ ڄاڻائيندي ورلڊ بئنڪ کي لکيو ته اوهان ان بابت کي وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ گهرو ته مون سان رابطو ڪري سگهو ٿا. اهو سڄ ته مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ان اهم ڳالهه جنهن بينظير صاحبه جي وڏائيءَ کي ظاهر پئي ڪيو ته پاڻ منهنجي مضمون کي حوالي طور استعمال ڪرڻ لاءِ مون کان رسمي طور اجازت گهريائين ته ورلڊ بئنڪ کي لکيل خط ۾ منهنجو حوالو به

شامل ڪيائين. اهڙا رويا تمام گهٽ ماڻهن ۾ نظر اچن ٿا. ان لکپڙهه کانپوءِ بينظير صاحبه سان اِي ميل تي رابطو شروع ٿيو ۽ هڪ ٻن هفتن کانپوءِ ڪنهن نه ڪنهن معاملي تي رابطو ٿيندو هو انهن ڏينهن ۾ عبدالرسول ميمڻ صاحب جو لاڏاڻو ٿيو ته بينظير صاحبه کي اِي ميل وسيلي اطلاع ڏنم. پاڻ مونکي جوابي اِي ميل لکيائون ته منهنجي پاران عبدالرسول صاحب جي پونئيرن سان تعزيت ڪري منهنجو نياپو پهچائجان. مون سندن هدايت تي عمل ڪيو.

ان وچ ۾ مان اسلام آباد ۾ هڪ آئل اينڊ گئس ڪمپني پريميئر آئل ۾ انٽرويو وسيلي سليڪٽ ٿي ويس ته يونيورسٽيءَ جي نوڪري ڇڏي اسلام آباد هليو آيس. 2001ع ۾ مان لاهور هڪ ٽريننگ لاءِ وڃي رهيو هئس. ڪنهن اِي ميل ۾ مون بينظير صاحبه سان ائين ڳالهه ڪئي ته مان ڪجهه ڏينهن لاءِ لاهور وڃي رهيو آهيان. مون لاءِ اها هڪ رواجي ڳالهه هئي پر سندن سوچ جي وسعت ان ۾ به هڪ موقعو ڏسي ورتو مون کي اِي ميل ڪيائون ته پنجاب ۾ پ پ جا اڳواڻ ڪالاباغ ڊيم بابت سنڌ جي موقف کان گهٽ واقف آهن. لاهور ۾ انهن سان ملاقات ڪري ڪين پاڻيءَ واري معاملي تي سنڌ جو موقف سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريو. پاڻ هڪدم پ پ پنجاب جي تڏهوڪي صدر قاسم ضياءَ کي ان ڏس ۾ اِي ميل ڪندي منهنجو فون نمبر به موڪلي ڏنائون ۽ مون کي به اِي ميل تي ڪاپي موڪليائون. قاسم ضياءَ کي شاباس هجي جو مون کي ذاتي طور لاهور ايئرپورٽ تان وٺڻ آيو ۽ رات جي ماني تي پ پ پنجاب جي ڏهاڪو کن اڳواڻن سان چار ڪلاڪ ڪن ويهڪ ڪرايائين. جنهن دوران پاڻيءَ واري معاملي تي مون کين سنڌ جي خدشن ۽ اعتراضن بابت تفصيل سان ٻڌايو هنن ڪيترائي سوال پڻ ڪيا. واٽر انجنيئرنگ جيئن ته منهنجو سبجيڪٽ هو تنهنڪري مون سندن سڀني سوالن جا جواب ڏنا. پ پ پنجاب جي قيادت بينظير صاحبه کي ان ملاقات بابت سٺي موٽ ڏني. پاڻ ان تي تمام گهڻي خوشيءَ جي اظهار واري اِي ميل پڻ مون کي موڪليائون. منهنجي لاهور وڃڻ واري اِي ميل ته شايد بارائتي ڳالهه هئي پر پاڻ هڪ وڏي نظر رکندڙ اڳواڻ طور ان موقعي کي به سنڌ جي فائدي وٽان استعمال ڪيائون. ايتري سوچ پارٽيءَ جي هاڻوڪي قيادت وٽ پري پري تائين نه ملندي.

2005ع ۾ پرويز مشرف هڪ ڀيرو ٻيهر ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ڪيو. مان ان وقت ليڊ پاڪستان سان بوائيس ايڊ جي هڪ پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هئس. هڪ ڏينهن اسلام آباد ۾ ڪنهن ميٽنگ ۾ هئس ته شهر جي ڪوڊ واري هڪ نمبر تان ڪال اچڻ لڳي. ڪال ڪٽيندو رهيس پر ڪال اچڻ بند نه پئي ٿي. نيٺ ميٽنگ مان ٻاهر نڪري ڪال کنيم ته اڳيان بينظير صاحبه جي پرسنل سيڪريٽريءَ ڳالهايو چيائين ته اوهان ڪجهه سال اڳ ڪالاباغ ڊيم بابت ڊان ۾ جيڪو مضمون لکيو هو اهو بينظير صاحبه گهرايو آهي، مهرباني ڪري ان جي ڪاپي ڏيو. اندازو ڪريو ته پنج سال اڳ لکيل اهو مضمون بينظير صاحبه کي ياد هو پنج سال پراڻي اخبار مون وٽ نه هئي ۽ ان وقت ڊان جي ويب سائيٽ يا ان تي آرڪائيوز به موجود نه هئا. وڏي هڙ وٽ کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي اهو مضمون اسلام آباد جي هڪ لائبريريءَ مان اخبارن جي پراڻن فائلن مان هٿ اچي سگهيو جيڪو بينظير صاحبه تائين پهچايو ويو اڳتي هلي بينظير صاحبه ڪمون شهيد وٽ ڪالاباغ ڊيم مخالف تاريخي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري ان رٿا کي دفن ڪرائي ڇڏيو بينظير صاحبه 2007ع ۾ مختلف ملڪن مان ڪيترن ئي ماهرن کي ملڪ واپس آڻڻ هو جن سان هن ايندڙ ورهين لاءِ پنهنجي ٽيم ٺاهي هن ملڪ

کي هڪ نئين ڏس لاڻ تي گهريو. بينظير صاحبه جي ورسيءَ تي اڄ اهي يادون ذهن تي تري آيون.

بينظير ڀٽو جي قتل سان نه رڳو ملڪ ۽ جمهوري عمل کي زبردست ڌڪ رسيو آهي پر خاص طور تي سنڌ کي هڪ وڏو نقصان ٿيو آهي. هوءَ نه هڪ عالمي ۽ ملڪي سطح جي اڳواڻ طور سندس سياست جو دائرو گهڻو وسيع هو پر سائنس ويجهو ٿي ڪم ڪندڙن وٽان بينظير ڀٽو سنڌ ۽ سنڌين جي اوسر بابت اڳيرايون ڪرڻ بابت ڪيترائي حوالا ملن ٿا. ٽرڪول ۽ ڪيٽي بندر رٿا سنڌ جي ترقيءَ لاءِ هڪ زبردست رٿا هئي. جيڪا بينظير ڀٽو پاران شروع ڪئي وئي پر ان کي زمين تي پهچڻ کان اڳ نواز شريف حڪومت ختم ڪري ڇڏيو اها رٿا سنڌ ۾ ترقيءَ جي عمل کي هڪ وڏو چال ڏئي ها پر ان کي عملي شڪل اختيار ڪرڻ نه ڏني وئي. بينظير صاحبه جيئن ته هڪ عالمي سطح جي اڳواڻ هئي، تنهنڪري ڪنهن به انتهائي نوعيت جي صورتحال ۾ سنڌ جي مفادن لاءِ عالمي سطح جو هڪ سگهارو آواز سنڌ وٽ موجود هو جيڪو سندس شهادت کانپوءِ ختم ٿي ويو. بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ پيپلز پارٽي هڪ سياسي جماعت طور ته پنهنجي اسٽيبلشمينٽ مخالف ۽ وچولي طبقي جي ملڪ گير پارٽيءَ مان گهٽجي سنڌ سطح جي هڪ اهڙي جماعت ۾ بدلجي وئي، جيڪا عوام جي خدمت ۽ ترقيءَ بابت ڪارڪردگيءَ بجاءِ موقعي پرست گروهن جو مرڪز بڻجي چڪي آهي. هاڻي پارٽيءَ وٽ عوام سان ڳانڍاپو رکندي سندن زندگيون بدلائڻ واري سياست بجاءِ اسٽيبلشمينٽ سان بارگيننگ ڪندي اقتداري مفاد حاصل ڪرڻ جي اوليت آهي. گذريل پندرهن ورهين دوران سنڌ ۾ خراب حڪمراني ۽ ڪرپشن کي هيٺ کان مٿي تائين عام ڪري پ پ سنڌ ۾ ترقيءَ جي عمل کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. پارٽيءَ جو ڀاڳ ڀلو آهي، جو ان جي اڳيان ڪا مضبوط ۽ بهتر متبادل سياسي ڌر منظر تي نه اڀري سگهي آهي. نه ته اها ڪڏهوڪو ڪجهه تڪن تائين محدود ٿي چڪي هجي ها. نواز ليگ ۽ پي ٽي آءِ پنهنجي حڪومتن دوران سنڌ کان ٻنهي لاتعلقي اختيار ڪئي پئي طرف سنڌ جون قومپرست ڌريون پاڻ کي ڪنهن گذيل پارلياماني محاذ طور منظم نه ڪري سگهيون. جڏهن ته جي ڊي اي ۾ ويٺل ٻين ڌرين جو اقتداري ماضي پيپلز پارٽيءَ کان به بدتر رهيو آهي. نتيجي ۾ پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ ۾ سياسي طور کليل ميدان ميسر رهيو آهي. ان موقعي کي عوام جون زندگيون بهتر ڪرڻ بجاءِ پيپلز پارٽي خراب حڪمراني ۽ ڪرپشن جي ورچاڙهي چڙهيو سنڌ مان نون ساماٽيل وڏيرن کي مڙهي سنڌ ۾ اهليت ۽ قابليت جو جنازو ڪڍيو ويو آهي. شايد بينظير ڀٽو جي هوندي پيپلز پارٽي ڪا انقلابي جماعت نه بڻجي ها پر شايد هتي اڄ جهڙو انڌير به نه هجي ها. گذريل آدم ڳٽپ ۾ جيئن فرادي انگ اکر قبولي پ پ سنڌ واسين سان ويساهه گهاتي ڪئي، شايد سنڌ خلاف ايڏو ڪرائيم نه ٿي سگهي ها. شايد بينظير جي هوندي شفيق مينگل، سرفراز بگٽي ۽ فيصل واڊي جهڙا ڪردار پارٽيءَ ۾ جاءِ نه والاري سگهن ها. بينظير ڀٽو جي هوندي به پيپلز پارٽي اقتداري سياست جون مصلحتون ۽ موقعي پرستون نه ڇڏي سگهي ها پر شايد هيٺ ڪِرڻ جي حد جو ڪوليڪو هجي ها. هاڻي ته پ پ قيادت سڀ ليڪا مِٽائي ڇڏيا آهن

هي آرٽيڪل پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو

پاڀوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَستُ بِرَبِّڪُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

## ماهه رنگ بلوچ جو ڪو به مطالبو غير آئيني ۽ غير قانوني ناهي

تحرير: زرار پيرزادو

اڄ ڪلهه ڊاڪٽر "ماهه رنگ" پنهنجي نالي وانگر چنڊ جيان سڄي ملڪ جي سياسي افق تي چمڪي رهي آهي. ماهه رنگ معنيٰ چنڊ جهڙي. سو نالي جي ڇڪ ٿيندي آهي. هن کي چنڊ وانگر پنهنجي روشن ڪردار سان نروار ٿيڻو ئي هو سا ٿي وئي آهي.

پر سوال اهو آهي ته اها چنڊ جهڙي معصوم ڇوڪري سياسي چنڊ بڻجي ڇو اڀري آهي. ان کي سياسي چنڊ ڪهڙين حالتن بڻايو هيءَ ته ڊاڪٽرياڻي هئي، هن کي مسيحائي چنڊ ٿي اڀرڻو هو؟ ان جو جواب سندس خوفناڪ سياسي پس منظر آهي. اصل ۾ اسٽيبلشمينٽ جي غلط پاليسين ئي ڪيس مزاحمتي سياست ڪرڻ تي مجبور ڪيو

رپورٽن موجب هيءَ پنجن سالن جي هئي، ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ته ڪاهي ڌر سان سلهاڙيل واپڊا ملازم سندس والد ڪنيجي ويو جنهن جي بازيابي لاءِ تڏهن ئي هن ڊرڻو ڏنو هو ۽ تقرير ڪندي تڏهن ان ابهم ٻارڙيءَ روئي به ڏنو هو

سندس والد کي وري 2009ع ۾ ڪنيپيو ويو ۽ سال 2011ع ۾ سندس ڇچريل لاش مليو والد جي شهادت کانپوءِ سندس امڙ پنهنجي هڪ پٽ ۽ ڇهن ڌيئرن جي تحفظ لاءِ بلوچستان مان ڪراچي لڏي آئي ۽ گمنامي ۾ رهڻ لڳا. پيءُ کانپوءِ ماهه رنگ جو سياسي استاد ذاڪر بلوچ بڻيو جيڪو پڻ اڄ ڪنيپيل آهي.

ماهه رنگ جي ڇهري تان اڃان والد جي شهادت واري گرهڻ ختم ئي نه ٿي هئي ته ڪيس وري اڪيلي ڀيڻ ڀاءُ جي ڪنيجڻ جو صدمو رسيو 2016ع ۾ لاپته ٿيل سندس ڀاءُ جي اڃان تائين ڪا خبر ناهي ته اهو ڪٿي آهي.

انهن ٻن ذاتي صدمن کي ماهه رنگ اجتماعي قومي جذبي جي طاقت ۾ بدلايو ۽ سندس سياسي شعور جي به اها تقاضا بڻي ته هوءَ رڳو پنهنجي والد جي انصاف ۽ ڀاءُ جي ڳولها لاءِ نه پر 8 هزار گم ٿيل بلوچن جي ڳولها لاءِ ٻتوڙي.

هن گهڻوئي صبر ڪيو. گهڻوئي انتظار ڪيو. بلوچستان ۾ رهندي گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون نيٺ سندس صبر لبريز ٿيو ۽ هن پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ اسلام آباد ڏانهن هزارين عورتن ۽ ٻارن سوڌو ان نعري تحت پنڌ لانگ مارچ ڪيو ته "اسان جا مرد ڪٿي آهن. اسان اهو پڇڻ اسلام آباد ٿا اچون. اسان کي ٻڌايو وڃي ته اسانجا ڀيڻ مڙس، ڀاءُ چاچا، ماما، مٽ مائٽ ڪٿي آهن؟

ماهه رنگ پيادل مارچ دوران خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چوندي رهي ته اسانجي ڪا سياسي ايجنڊا ناهي، اسان صرف ۽ صرف پنهنجن ساهه سيباڻن جي سالمي ۽ آزادي ٿا گهرون.

ماهه رنگ اهو چوندي رهي ته اسان کي اسلام آباد مان انصاف جي اميد نه هئي نه آهي. 76 سالن جي تاريخ اسان ۽ اوهان جي آڏو آهي. اسان صرف پنهنجي بلوچ قوم کي جاڳائڻ لاءِ ۽ دنيا کي زميني حقيقتون ٻڌائڻ لاءِ اسلام آباد آيا آهيون ۽ ان مقصد ۾ ڪامياب به ٿيا آهيون.

اوهان ڏٺو ته اسان بلوچ نياڻين کي اسلام آباد ۾ پريس ڪلب آڏو ڌرڻو به هڻڻ نه ڏنو ويو اسان عورتن تي مرد اهلڪارن تشدد ڪيو. عورتن تي هٿ ڪنيو ويو جڏهن ته اسان جو پرامن احتجاج هو پر ويو سڀ اسان بلوچ نياڻين کي اهو پيغام ڏنو ويو ته اسلام آباد بلوچستان جو ناهي. بلوچ عورتن لاءِ اسلام آباد ۾ احتجاج ڪرڻ جي جاءِ ناهي.

هاڻي ڪير ٻڌائي ته ماهه رنگ ۽ هزارين بلوچ عورتن ۽ ٻارن جو ڪهڙو ڏوهه آهي، اهي ڇون ٿيون ته جن جا رت جا رشتا مري ويندا آهن تن کي به هميشه ياد ڪيو ويندو آهي. انهن جون ورسيون ملهايون وينديون آهن. اسان جا ته جيئرا جاڳندا مرد گم ٿيل آهن ته انهن کي ڪيئن وساريندا سين. ڪيئن انهن کي ياد نه ڪنداسين ۽ ڇو نه انهن جي ڳولها ڪنداسين؟

جيڪڏهن ماهه رنگ جي والد جو ڇچريل لاش نه ملي ها. سندس ڀاءُ لاپتا نه ٿئي ها ته هوءَ هن مزاحمتي رستي تي بيٺل نظر نه اچي ها نه ئي ذاتي صدمن کي اجتماعيت ۾ تبديل ڪري سڀني گم ڪيلن جي آزادي جو آواز بڻجي ها.

پلا ڪير پنهنجي گم ٿيل گهرڀاتين جي ڳولها نه ڪندو. انهن جي آزادي لاءِ آواز نه اٿاريندو جدوجهد نه ڪندو. اهو ته پونئرن جو فطري فرض ۽ اخلاق آهي

سو بجاءِ ان جي ته ملڪي ادارا، حڪومتون، عدالتون پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا متاثر خاندان جي مدد ڪن. سندن روز مرڻ ۽ روز جيئڻ وارو انتظار ختم ڪن. الٽو پيدل مارچ ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن تي به تشدد ڪيو ويو ۽ بقول ماهه رنگ جي ته هن هلندڙ مارچ مان ئي بلوچ شاگردن کي ڪنيپيو ويو آهي ڪاٿي ماٿيڪرن ڪسيون ويون آهن ته جيئن تقريرون نه ڪري سگهن ته پوءِ هاءِ گهوڙا ڪيئن نه ٿيندي. احتجاج ڪيئن نه وڌندو

ماهه رنگ ۽ هزارين عورتن ٻارن جو ڇا اهو ڏوهه آهي ته اهي پنهنجن مردن جي آزادي جو مطالبو ڪن ٿيون. آئين، قانون ۽ انصاف جي بالادستي لاءِ ٿيون آواز اٿارين؟ اهو مطالبو ته خود ملڪ جي مفاد ۾ آهي سو ماهه رنگ ۽ هزارين بلوچ عورتن جو ڪو به مطالبو غير قانوني، غير آئيني ۽ غير جمهوري ناهي.

سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪنيپل ماڻهن جو ڪو ڏوهه آهي. ڪو ڪيس آهي ته ان جون قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن. جيڪڏهن اهي گهرجون پوريون نه ٿيون ٿين ته ان عمل کي "لاقانونيت" ئي چئبو ۽ لاقانونيت خلاف پوءِ جيڪڏهن ڪير آواز اٿاريندو. مزاحمت ڪندو ته ظاهر آهي ته جڳ ان کي "هيرو" چوندو. ماهه رنگ کي اڄ جي سورمي ٿي چيو ويندو. جيڪا ٿي چڪي آهي.

بقايا سنڌيار 01

محتسب جو دائرو، اختيار شڪايتون داخل ڪرڻ جا طريقا ۽ وفاقي محتسب جي علائقائي آفيسن سميت سموري ضروري معلومات انگريزي ۽ اردو ۾ پڻ ڏني وئي آهي. هن بحاليءَ کان پوءِ، هاڻي ڪو به ماڻهو پنهنجي گهربل معلومات تائين رسائي آساني سان ۽ جلدي ڪري سگهي ٿو. وفاقي محتسب ڪالهه ويب سائيٽ جو افتتاح هڪ سادي پر پروقار تقريب ۾ ڪيو جنهن ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علائقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (NITB)جا نمائندا پڻ موجود هئا. جن هن ويب سائيٽ کي بهتر ۽ وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي محتسب سيڪريٽري چيو ته وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي ويب سائيٽ نه رڳو عام ماڻهن ۽ شڪايت ڪندڙن کي معلومات فراهم ڪرڻ جو هڪ اهم وسيلو آهي پر ان کانسواءِ پوسٽ يا سفر جي تڪليف کان سواءِ اسان آن لائن شڪايتون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. رجسٽريشن جي سهولت. هن چيو ته هاڻي پاڪستان جي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ گهٽ پڙهيل لکيل ماڻهو اردو ۾ ڏنل معلومات سڌو سنئون استعمال ڪري سگهندا ۽ اهي شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري انهن شڪايتن تي ايڪشن وٺي سگهندا. جنهن سان کين آگاهي ڏيڻ ۾ تمام گهڻي سهولت هوندي. هن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ اوزارن جي مدد سان ويب سائيٽ کي هاڻي نئين سر ترتيب ڏنو ويو آهي ۽ ان جي رفتار ۽ استعمال ۾ آسانيءَ سان اضافو ڪيو ويو آهي. ان ۾ انگريزي ۽ اردو متن جي موجودگيءَ سان اهي ماڻهو جيڪي انگريزيءَ جي ڪري مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا. متن اڳواٽ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جي قابل هوندو. هن چيو ته آفيس جي طريقيڪار ذريعي شڪايتن جو ازالو ۽ مختلف اهم فيصلا (سا لاتي، ماسا لاهتي ڪاردار ميت مثال طور IRD 66 باہمي رضامنديءَ سان مسئلن جو غير رسمي حل. ضلعي ۽ تعلقي سطح تي شڪايتن جو ازالو. او سي آر جي عنوان هيٺ اوپن ڪورٽن ذريعي ۽ ان

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ايڊيٽر اعجاز مهر Reg No 2677 ABC Certified ڪراچي Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com